بارن لاء بائبل
تحفو

# جڏهن خدا هر شيء پيدا ڪئي



لکيل پاران: Edward Hughes

اشارو ڪندڙ: Byron Unger; Lazarus
Alastair Paterson

طرفان قبول ڪيو ويو: Bob Davies; Tammy S.

ترجمو ٿيل: Aim4Faith Ministries, Pakistan

ٺاهيل پاران: Bible for Children
www.M1914.org

©2020 Bible for Children, Inc.
لائسنس: توهان کي هن ڪهاڻي ڪاپي يا پرنٽ ڪرڻ جو حق آهي،
جيئن جيستائين تون ان کي وڪرو نٿا ڪريو.



ڪير اسانکي بڻايو؟ بائبل مقدس، خدا جو ڪلام، وضاحت
ڪري ٿو ته انسان جي زندگي ڪيڙي طرح شروع ٿي،الاهي
وقت اڳ خدا انسان کي پيدا ڪيو. ۽ هن جو نالو آدم رکيو.
خدا آدم کي زمين جي مٽيء کان بڻايو. جڏهن خدا آدم ۾
زندگي جوساهء پهڪئن ته هن ۾ زندگي
اچيوي هن پنهنجي پاڻ
کي هڪ خوبصورت
باغ ۾ ڏٺو.
جنهين کي عدن
چيوندا آهين.

آدم بنائڻ کان اڳ، خدا خوبصورت دنيا پيدا ڪئي. جيڪو شاندار شيئنء کان پرل هوئي. هري هري خدا جبلن جي جڳهنون، ۽ڪليل گاه جاميدان، خوشبودارگل، ۽ ٻگاه وڻ چمڪندڙڪنبن وارا پکي، بهنبهنانديومکيون،چهولين سان ڪڏنديون مڇيونء سامنڊ جي مخلوق کي



پيدا ڪيو. حقيقت ۾، خدا دنيا ۾ موجود
هر شيءڪي پيدا ڪيو.

شروعات ۾،انهي ڪان
پهرين ته خدا ڪجهه پيدا
ڪري،هن ڪان سوا پيو
ڪجهه نه هو. نه ماڻهو،نه
جڳهون يا شيون، ڪجهه
به نه هو.نه سوجهرو،۽
نه اونداهي، نه آسمان ۽
نه زمين،نه گزرئل ۽ نه
ايندڙ ڏينهن، اتي فقط خدا
هو ۽ هن جو ڪو آغاز
نه هو. پوء خدا ڪم
شروع ڪيو.



خدا شروعات ۾ آسمان ۽ زمين کي خلق ڪيو.

زمين ويران۽سنسان هئي ۽
اونهائي مٿان  اونداهه هئي.
پوءِ خدا فرمايو، "ته
سوجهرو ٿئي".



۽ سوجهرو ٿيو. ۽ خداسوجهري کي ڏينهن سڏيو ۽ اونداهه کي رات سڏئين. سو سانجهي ۽ صبح ٿيو، ۽ پهريون ڏينهن ٿيو.



بئي ڏينهن، خدا آسمان جي هيٺ سمنڊ، درياء، ۽ ڍنڍ جي پاڻي کي هڪ هنڌ گڏ ڪيو. ٽئين ڏينهن تي خدا چيو ته "خشڪي ظاهر ٿيئي" ۽ اهوئي ٿيو.



خدا گاھ ۽ گلن، ٻج وارا بوٽن ۽ ميويدار وڻن کي حڪم ڏنو ته
سي سڀ زمين تي اپرن ۽ اھوئي ٿيو.

سو سانجهي ۽ صبح ٿيو ۽
ٽيون ڏينهن ٿيو.



پوءِ خدا سج ۽ چنڊ ۽ گهڻن
تاران کي بڻايو، جنهن کي ڪو
ڳڻي نه سگهندو. سوسانجهيءَ
صبح ٿيو ۽ چوٿين ڏينهن ٿيو.



سمنڊ جي مخلوقات ۽ مڇيونء ۽
پکيي خدا جي ايندڙ فهرست تي
هئا. پنجئين ڏينهن تي خدا وڏيون
مڇيونءِ ننڍڙي مڇيون، ٻگهي
ٽنگن وارا شطرمرغ ۽ خوش
ٿيندڙ ننڍا پکيء ٺاهياء، خدا
زمين جي پاڻي کي پرڻ لاء سپ
قسم جي مڇيء کي پيدا ڪيو ۽
آسمان، زمين ۽ سمنڊ سان خوش
ٿين لا سپ قسم جا پکي ٺاهياء
سوسانجهيءِ صبح ٿيو ۽ پنجون
ڏينهن ٿيو.



ان کانپوءِ، خدا پيھر چيو. ھن چيو، "زمين تي رھڻ واري مخلوق کي زمين خلق کري ..." ۽ جانورن جي سڀي قسم،ڪيڙا ماڪوڙا ۽ دھرتي جا تمام سرندڙجيت وجود ۾ آيا. زمين کي لوڏيندڙھاٿي ۽ بوڙيندڙڪوواه ،شرارتي پولڙو۽ سست مگرمچھ،سرندڙ ڳڏرون ،لوڏندڙ زرافه غرايندڙ ٻلاءِ وجود ۾ آيا. پوءِ ھن ڏينھن خدا سڀني قسمن جا جانورجوڙياء.

سوسانجھيءَ صبح ٿيو ۽ ڇھون ڏينھن ٿيو.



چهين ڏينهن تي خدا ڪجهه ودهيڪ ڪيو. ڪجهه خاص،
انسان لاء سپ تيار هو. ٻنين ۾ خورڪ هُي ان جي خدمت
ڪرڻ لاء جانور. ۽ خدا چيو "اچو ته انسان کي سندس
صورت جئين ٺاهيون، ۽ کيس
زمين ۾ هر شيء تي اختيار
ڏيون". پوءخدا انسان کي
پنهنجيءَصورت تي پاڻ
جهڙو جوڙيو.



خدا آدم کي حڪم ڏينو، "تون باغ جي هر وڻ جو ميوو کائي سگھن ٿو، پر تون نيڪيءَ ۽ بديءَ جي وڻ مانڪڏهن به نه کائجانءَ. جيڪڏهن وڻ مان کائندين ته يقينن مرندين."



۽خداوند خدا چيو ته "آدم جو اڪيلو رهڻ چڱو نه آهي، آءٌ هن لاءِ مددگارجوڙيندس." خدا تمام پکيءَ ۽ جانور آدم وٽ آندا. آدم سڀني جا نالا رکيا. اهوسڀ ڪجهه ڪرڻ ۾ هووڏو داناهه هو پرسڀني پکين ۽جانورن منجهان آدم جئين ڪو به هن کي مددگار نه مليو.



خدا آدم تي گهري ننڊ موڪلي، تمام گهري ننڊ. ۽ ننڊل آدم جي
پاسرين مان هڪڙي پاسري ڪڍي خدا انهي پاسري مان، جا
آدم مان ڪڍي هئائين هڪڙي عورت
جوڙئين ۽ عورت جيڪا خدا
ٺاهي، آدم جي مدد گار ٺاهي.
اهيء بلڪل آدم جي
ساٿي ٺاهي هُئي.



خدا ڇھ ڏيئن ۾ هر شيءِ کي پيدا ڪيو، پوءِ
خدا ستن ڏينهن کي برڪت ڏني ۽ اها سبت جو
ڏينهن ٿاهيو. باغ عدن ۾، آدم ۽ سندس زال حواءَ
مڪمل طورپهنجي خوشيءَ سان خدا جي
فرمانبرداري ڪري رهئا هئا. **خداانهن
جو ربءُ هو،ءِ سندن روزي مهيا
ڪرڻ وارو۽دوست هو.**



جڏهن خدا هر شيء پيدا ڪئي

خدا ڪان هڪ ڪهاڻ ۾ لفظ، بائبل، مليو آهي

پيدائش 1-2

"توهانجي ڪلام جو مطالعوسوجهرو ٿوڏئي."
زبور 119: 130


آخر

هيء ڪهاڻي اسان جي عجيب خدا جي باري ۾ اسان کي
سيکاريندي آهي جهين اسانڪي پيدا ڪيو اهو چاهي ٿوته ڪيس اسان ڄاڻون.

خدا ڄاڻي ٿو ته اسان تمام خراب ڪم ڪيا آهن جهين ڪي اهو گناهه چئي رهيو آهي ۽
گناهه جو اجر موت آهي،پر خدا اسان سان تمام گهڻو پيار ڪندو آهي تنهن ڪري هن
پنهنجي واحد پٽ (يسوع مسيح) کي موڪليو ته اسان جي گناهن جي سزا سهي ۽ پنهجي
جان کي صليب تي قربان ڪري ان کان پوء (عيسي) يسوع مسيح مئلن مان جيئرو ٿيو ۽
آسمان ڏانهن هليو ويو جيڪڏهن توهان (عيسى) يسوع مسيح تي ايمان آڻيوٿا ۽ انهي کان
پهنجن گناهن جي معافي طلب ڪريو. ته هو توهان کي معاف ڪندو اوهي توهان وٽ
ايندا ۽ توهان جي اندر گڏ رهندا ۽ توهان هميشه لاء ساڻس زنده رهندا.

جيڪڏهن توهان ايمان آندو ته اها سچائ آهي ته خدا کي ٻڌايو.
پيارا يسوع مسيح مان ايمان آڻيان ٿو ته توهان خدا آهيوۀ منهنجي ڪري انسان بڻيو ۽
منهنجي گناهن لاء مري ويوۀ هاڻي تون جيئرو آهين. منهنجي زندگي ۾ اچو ۽ منهنجا
گناهه معاف فرمايو تنهن ڪري مان اڄ کان ئي نئين زندگي حاصل ڪري هميشه
توهان سان گڏ رهان مون کي مدد ڏي ته مان توهان جي فرمانبرداري
ڪري سگهان ٿو توهان جو پٽ، ڏيء ٿي سگهان. آمين.

بائبل پڙهو ۽ هر روز خدا ساڻ ڳالهايو.